موت خاتمو نه آهي

“سڀڪو جيءُ موت (جو مزو) چکڻ وارو آهي، ۽ اوهان کي مدائي ۽ چڱائي سان جاچڻ طرح پرکيندا آهيون، ۽ اسان ڏانهن موٽائبؤ. ” (سورت الانبياء، 35)



موت، جيڪو برحق آهي ۽ سڀني کي اچڻو آهي، هڪ شخص جي زندگي جو هڪ اهم سچ آهي. اهو اسان ڪڏهن به نه ٿا چاهيندا ته سگهون ته ايندڙ هڪ ڪلاڪ يا هڪ لمحي جي اندر اسان سان ڇا ٿيندو. ان حقيقت جي بنياد تي، اهو ڪيترو غلط ٿيندو ته اسان پنهنجي زندگي جو منصوبو انهن واقعن تي رکون جيڪي شايد ڪڏهن به نه ٿين.ٻئي هٿ تي، موت ئي هڪ برحق واقعو آهي.ان سچ کي مڃڻ کان بعد ئي اسان اهو سمجهي سگهون ٿا ته اسان کي پنهنجي زندگي جو بنياد ان جي مطابق رکڻ گهرجي. موت انسان جي امتحان جو هڪ حصو آهي. الله اسان کي قرآن ۾ ٻڌايو آهي ته ان زندگي ۽ موت صرف امتحان وٺڻ لاءِ پيدا ڪيا آهن.

“(الله اُهو آهي) جنهن موت ۽ حياتي پيدا ڪئي (انهيءَ لاءِ) ته اوهان کي پرکي ته عمل جي ڪري تمام چڱو اوهان مان ڪير آهي؟ ۽ اُهو غالب بخشڻهار آهي.” (سورت الملڪ. 2)

موت صرف هن دنيا جو خاتمو آهي، ۽ ان جي امتحان جو به، ۽ ابدي زندگي جي شروعات آهي.ان سبب جي ڪري ايمان وارن کي موت کان ڊپ ناهي لڳندو. موت جو تصور انهن کي پريشان ناهي ڪندو ڇو ته هو پنهنجي زندگي جو هر لمحو آخرت جي تياري لاءِ سٺن عملن جي ڪرڻ ۾ صرف ڪندا آهن.

۽ ڪافرن لاءِ موت هڪ وڏي پريشاني جو سبب آهي ڇو ته هو ان کي هڪ مڪمل تباهي سمجهندا آهن. ان لاءِ، هو موت جي سوچ کي ترڪ ڪندا آهن ايستائين جو هو ان جي تصور کي به پنهنجي دماغن ۾ اچڻ نه ڏيندا آهن.۽ موت کان پري ڀڄندا رهندا آهن. پر اهو انهن

لاءِ ڪنهن به ڪم جو نه آهي. جڏهن موت پنهنجي مقرر وقت تي ايندو ته ان کان ڪير به پڇي نه سگهندو. هڪ آيت ۾ بيان ڪيو ويو آهي:

"...**جتي هوندؤ اُتي اوهان کي موت پهچندو جيتوڻيڪ مُحڪم ڪوٽن ۾ هوندؤ**.... " (سورت النساء، 78)

موت جي باري ۾ سوچ کي رد ڪرڻ سچ کي رد ڪرڻ آهي ڇو ته دير يا سوير، موت ته انسان کي اچڻو آهي.ان لاءِ هي هڪ عقل واري ڳالھ ٿيندي ته اسان موت جي سوچ پيدا ڪيون. اها ايمان وارن جي نشاني آهن ته جيستائين انهن کي موت نه ايندو آهي تيستائين اهي چڱا عمل ڪرڻ ۾ مصروف رهندا آهن.جيئن الله اسان کي قرآن ۾ حڪم ڏنو آهي:

"**۽ ايستائين پنهنجي پالڻهار جي عبادت (پيو) ڪر جيسين توکي موت پهچي.** " (سورت الحجر، 99)

موت جي باري ۾ سوچ انسان جي ارادي ۽ جذبي کي وسعت ڏيندي آهي. اها انسان کي الله جي راه کان پٺڪڻ کان بچائيندي آهي جيڪو دنيا جي آسائشن کي ڏسڻ سان ممڪن ٿي ويندو آهي.هي ان کي هر ان روئي کان بچڻ لاءِ جذبو ۽ ارادو ڏيندي آهي جيڪو الله جي ناراضگي جو سبب بڻجي سگهي ٿو.ان لاءِ هر مسلمان کي موت جي باري ۾ سوچڻ گهرجي ۽ ان کي اهو هرگز نه پلجڻ گهرجي ته سڀ انسان، ۽ هو پاڻ، هڪ ڏينهن هي دنيا ڇڏيندا.

قرآن اسان کي ٻڌائي ٿو ته مرڻ واري انسان سان ڇا ٿيندو آهي ۽ هو ڇا ڏسندو ۽ محسوس ڪندو آهي.جڏهن اسان ڪنهن کي مرندو ڏسندا آهيون ته اسان ان جو جسماني (بائيولاجيڪل) موت ڏسندا آهيون.جڏهن ته سچ اهو آهي ته مرڻ وارو انسان، هڪ مختلف دنيا ۾، موت جي فرشتن کي ڏسندو هوندو آهي. جيڪڏهن هي شخص ايمان وارو نه آهي ته موت ان کي ڏاڍي تڪليف ڏيندو آهي.موت جا فرشتا ان جو روح ڪڍڻ کان نعد ان کي ماريندا ۽ ڪٽيندا آهن.
موت وقت هڪ ڪافر جي تڪليف هن طره بيان ڪئي وئي آهي:

"**۽ اُن کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جيڪو الله تي ڪوڙو ناه ناهي يا چوي ته مون ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي ۽ ڏانهنس ڪُجھ به وحي نه ڪيو ويو هجي يا چوي ته جئن الله (ڪتاب) نازل ڪيو آهي تئن آءٌ (به) ڪتاب نازل ڪندس، ۽ (اي پيغمبر) جيڪڏهن ڏسين (ته جيڪر عجب لڳيئي) جڏهن ظالم موت جي سڪراتين ۾ هوندا ۽ ملائڪ پنهنجن هٿن کي ڊگهو ڪندا، (۽ چوندا ته) پنهنجن ساهن کي ٻاهر ڪيو، اڄ اوهان کي خواري واري عذاب جي سزا انهيءَ سببان ڏني ويندي جو اوهين الله تي ناحق چوندا هيؤ ۽ سندس آيتن کان وڏائي ڪندا هيؤ.** " (سورت الانعام، 93)

”پوءِ (تڏهن سندن حال) ڪيئن ٿيندو جڏهن ملائڪ سندن رُوح ڪيندا جنهن حال سندن مُنهن ۽ سندن پُٺيون ڪُٽيندا. اِها (سزا) هن ڪري آهي ته جنهن شيءِ الله کي ڏمرايو تنهنجي پٺيان لڳا ۽ سندس رضامندي کي ناپسند ڪيائون تنهنڪري (خدا) سندن عملن کي چٽ ڪيو. “
(سوره محمد، 27،28)

ايمان وارن لاءِ موت ڏاڍيون خوشيون ۽ رحمتون آڻيندو آهي. ڪافرن جي برعڪس،جن جا روح انهن جي جسمن مان بيدردي سان ڪڍيا ويندا آهن، ايمان وارن جا روح آرام سان ڪڍيا ويندا آهن.(سورت النازعيات، 2). هي تجربو انهن لاءِ ان طرح جو هوندو آهي جئين ننڊ ۾ انهن جا روح انهن کي ڇڏي ويندا هئا.(الزمر، 2) انهن آيتن ۾ ايمان وارن لاءِ هن ريت بيان ڪيو ويو آهي:

”جو هميشه جي رهڻ وارا باغ آهن اُن ۾ گهڙندا انهن جي هيٺان واهيون وهنديون آهن جيڪي گهرندا سو انهن لاءِ منجهس آهي، اهڙي طرح الله پرهيزگارن کي بدلو ڏيندو. (اِهي اُهي آهن) جن کي ملائڪ پاڪ حالت ۾ ماريندا آهن (ملائڪ) چوندا آهن اَلسّلامُ عليڪم جيڪي ڪندا هيؤ تنهن سببان بهشت ۾ گهڙو. “ (سورت النحل، 31،32)